سنت مالا

١٦٠١ - ١٦٠٢

مارچ - ٢٠٠٨

شريِ سکمنيِ صاحب جو سنيهو

(٢٠)



گرو اَرجن ديو

٣ رپيا

واسواڻيِ

وشيہ سوُچِي

سمرپن

گرو ارجن ديو

جي ڪمل قدمن ۾!

ڪوٺيءَ اَندر ويو ٿي. جدا ڪوٺي رکيل هئي: اِن ڪوٺيءَ اندر پيارو ياءُ روز ويو ٿي ۽ گرو گرنٿ صاحب کولي اُن مان پاٺ ڪيائين. ۽ پوءِ ڏينهن جي ڪم ڪار هلائڻ واسطي گرو گرنٿ صاحب مان وچن ورتائين!

اهڙيءَ طرح ڪيترن گهرن ۾ روز پاٺ ڪندا هئا. گرو گرنٿ صاحب جي پاٺ اسان جي جيون ٺاهي.

هڪ ٻئي شهر، شڪارپور شهر ۾ هوس: اُت بہ ڪيترا ڏينهن هڪ پياري ياءُ مون کي پاڻ وٽ ٽڪايو. ڪي هفتا اُت مان ٽڪيل هوس. ۽ اُت بہ مون ڏٺو تہ سويل صبوح جو هيءُ پيارو ياءُ، جو بہ وڪيل هو، جنهن جي ڪمائي بہ هزارن ۾ هئي، هي پيارو ياءُ روز صبوح جو شنان ڪري وڃي ڪوٺيءَ ۾. اُت گرو گرنٿ صاحب جي اڳيان سر جهڪائي، هن ياءُ پاٺ ڪيو، ۽ وچن ورتو. پوءِ ڪوٺيءَ مان ٻاهر نڪتو نيرڻ کائڻ ۽ ڪن کي ملڻ، مون سان گفتگو ڪرڻ، ڪاغذ پٽ ڏسڻ، ٻيو ڪم ڪار ڪرڻ. پهرين گرو گرنٿ صاحب مان پاٺ ڪرڻ، هن پياري ياءُ جو روزانو نيم هو.

شري سکمني صاحب، گرو گرنٿ صاحب جو اِڪ انگہ، اِڪ ڀاڱو آهہ. ان ۾ کهڙا نہ سولا اکر آهن: ۽ اِنهن اکرن ۾ ڪيڏي نہ ڀڳتي، ڪيڏو نہ گيان، ڪيڏو نہ سمرن ۽ ڪيڏي نہ اونهي سکيا! مان تہ جيڪر چاهيان تہ اوهان مان هڪ هڪ کي شري سکمنيِ صاحب جي پنهنجي ڪاپي هجي، جا توهين کيسي ۾ رکو. وقت بہ وقت هيِ نرمل شاستر کوليو. کولي اُن مان پاٺ ڪريو. کولي ڪنهن نہ ڪنهن وچن جو ويچار ڪريو.

ڪئن نہ مان وچن وٺندو آهيان. ۽ ڀيري ڀيري وچن وٺان تہ

پرستاونا

شري سڪمنيِ صاحب هڪ عجيب شاستر آهه: اکر ساڌارڻ آهن؛ پر اُنهن ۾ اونها ويچار آهن. اَسين سنڌ جا پائر پينر هن پوتر شاستر جا قرضدار آهيون. هڪ وقت اسان جي سنڌي پنگت ڪئن نہ گرو گرنٿ صاحب ناهيِ! هن وقت اسين بين اٿرن هيٺ آهيون. پر هڪ وقت هو جڏهن سنڌي پائر پينر گرو گرنٿ صاحب ڪولي پاٺ ڪندا هئا، - ڪيڏي نہ صدق ۾، ڪيڏيءَ نہ شرڌا ۾!

ڪي سال ٿيا تہ اَسين سنڌ ڇڏي ڀارت جي جدا جدا پرانتن ۾ پکڙجي وياسين. پهريون دفعو اِئين نہ ٿيو آهہ. هن ڪي اڳي بہ سنڌي تڪليف هيٺ آيا ۽ ڪيترن اَچي اجهو ورتو. ميرن جي راڄ ۾ بہ ڪيتريون نہ تڪليفون هيون! پر اُنهن سيني تڪليفن ڪي پائرن پينرن منهن ڏنو. ان لاءِ طاقت، شڪتي ڪٿان آئي؟ اُنهيءَ وقت گرو گرنٿ صاحب ۾ عجيب صدق هو! ڪئن نہ گهرن ۾ گرو گرنٿ صاحب ڪولي صبوح جو سويل پاٺ ڪندا هئا!

ڪيترا سال ٿيا مان سکر ۾ هڪ شاهوڪار گهر ۾ تورا ڏينهن ٽڪيل هوس. اُت مون ڇا ڏٺو؟ گهر جو وڏو، جنهن جي ڪمائي هزارن ۾ هئي، وڪالت جي ڌنڌي ۾ رڌل هو. پڙهيل هو، هوشيار هو: اِشنان پاڻي ڪري پهريون ڪم جو هن ڪيو ٿي سو هي تہ

ڪنهن کي کهڙي ترشنا! ڪنهن کي ترشنا ته مان گهڻا پئسا ڪمايان، شاهوڪار ٿيان. پل ڪوٺا ڪم ڪريان، پر ضرور شاهوڪار ٿيان. ڪنهن کي لوڀ جي باه!

وري ٻيو منهنجو پيارو ياءُ اُن جي اندر ٻي باه پيئي ٻري، - ڪام جي باه. ڪيترن کي ڪام ستائي ٿو.

ڪنهن کي وريِ ڪروڌ جيِ باه. ٿوريِ گهٽيِ ڳالهه تي جهٽ ڪاوڙ ۾ پرجي وڃي. اِهو منهنجو پيارو ياءُ ڪروڌ جي باه ۾ پيو جلي.

تئن پيارا! ٻيون به باهيون آهن. گروجن چون ٿا:- ''اگن نهين ٻجهيءَ': اِها اگني، ترشنا جي اگني وساميئي نٿي. گروجن چون ٿا:- پيارا! پرارٿنا ڪر پريوءَ در:- 'سائين! اِها باه، ترشنا جي باه تون وساءِ!' تنهن ڪري سنتن، پريوءَ جي پيارن جو سنگ ڪريون. ستسنگ ڪمايون! روز روز پريوءَ در پرارٿنا ڪريون:- 'هي پريو! تون تي رکپال! تون اَچيِ ڪر منهنجيِ سنڀال! اَندر جي اگن تون وساءِ! ترشنائن کان تون بچاءِ! اَسان جو من سيتل ڪر! اَسان کي نئون بناءِ، نرمل بناءِ! پنهنجو بناءِ، سارو سمورو!

واسواڻيِ

عجيب ويچار نڪري اَچن. شري سکمني صاحب جا اکر گروجن جا اکر سمجهندو آهيان، اِيشوري ٻاڻي آهي. اِن ٻاڻيءَ مان جو ٻه وچن مون کي اچي، الائي چو منهنجيءَ دل کي چڪي، منهنجي دل تي جادو هڻي! ڪهڙو نه عجيب سندر وچن آهي هي:-

پيڪه انيڪ، اگن نهين ٻجهيءَ
ڪوٽ اُپاوَ، درگهه نهين سجهيءَ

اسان جا بيڪه گهڻيئي آهن، گهڻيئي وستر اسان جا، گهڻيئي پوشاڪون، گهڻيئي ڪم ڪاريون، گهڻيئي نوڪريون، گهڻيئي ڏنڌا: اِڪ اِڪ ڏنڌو بيڪه آهي. اِڪ اِڪ نمونو جنهن ۾ اَسين ٻاهر دنيا ۾ ٻين کي ملون ٿا، بيڪه آهي. اِڪ اِڪ وستر، اِڪ اِڪ پوشاڪ بيڪه آهي. گهڻيئي بيڪه پايون ٿا. ستسنگه ۾ اَچي ويهون ٿا: اِهو به هڪ بيڪه آهي. وچي اِسڪول ۾ سکيا ڏيون ٿا: اِهو به هڪ بيڪه آهي. وچي اُپديش سڻون ٿا: اِهو به هڪ بيڪه آهي. گهڻيئي بيڪه پايون ٿا، گهڻيئي نمونا ڪريون ٿا ته پريوءَ جا ٿيون. دان ڪريون ٿا، دکين غريبن جي شيوا ڪريون ٿا: اِهي به بيڪه آهن؛ ۽ دل جي اندر رکون ٿا ويچار ته شل پريو! تنهنجا ٿيون! گروجن چون ٿا:-

پيڪه انيڪ، اگن نهين ٻجهيءَ

گروجن چون ٿا ڪيترائي بيڪه ڪريون ٿا: پر الائي ڇا آهي جو پريوءَ جا ٿيون ئي نٿا. ڇو؟

گروجن چون ٿا:- 'اگن نهين ٻجهيءَ'. باه وساميئي نٿي. اُها باه ڪهڙي؟ اوهان کي خبر آهي، مون کي خبر آهي ته اُها ڪهڙي باه آهي جا اندر پيئي جلي ۽ پيئي اسان کي جلائي. اِها باه، منهنجا پيارا! آهي ترشنائن جي باه! ڪنهن کي ڪهڙي ترشنا،

”جائون ڪهان، تج چرن تهاري.“

تڏهن ڪٿي وڃون جت پريو ڪونهي. پرڀو اکر جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ پريو، پريات معنيٰ روشنيِ، (The Light)-پريو اُهو جو روشني آهي.

The light of lights is God.

ٿورن سالن اندر هڪ وديا، جنهن کي سائنس ٿا چون، تنهن ڇا جي کوجنا ڪئي آهي؟ هڪ ڳالھ جي کوجنا ڪئي آهي تہ سڄي سرشٽي لهرن مان ٺهيل آهي. اِهي لهرون آهن روشنيءَ جون لهرون. سرشٽي ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ آهي. اوهين ڪپڙا پهريو ٿا: هڪ هڪ ڪپڙو آهي روشنيءَ جي لهر. توهين پيا سمجهيو تہ هيءَ سرشٽي مضبوط آهي: پر هي سرشٽي مضبوط ڪانهي. اَسان جي رشين چيو تہ هيءَ سرشٽي آهي مايا. مضبوط پرٿوي ۾ آهي مايا. وڻ، پٿيون، پهاڙ آهن روشنيءَ جون لهرون. هڪ هڪ سرشٽيءَ جو پدارٿ آهي روشنيءَ جي لهر. جڏر ديکتا هون، اوڏر روشنيءَ کي لهر هئہ. اسان جي شاسترن ۾ لکيل آهي تہ هي سنسار آهي ساگر. اها ڳالھ ١٦ آنا سچي آهي تہ اِن ساگر ۾ آهن لهرون: اِهي لهرون آهن روشنيءَ جون لهرون.

اِهي روشنيءَ جون لهرون ڪٿان ٿيون اچن؟ اُهي اَچن ٿيون اُن منجهان جو پاڻ روشني آهي. اُهو پاڻ آهي پريو، جو آهي روشنيءَ جو ڀنڊار.

هاڻي ويچار ڪريو. رهو ٿا روشنيءَ جي لهرن ۾: پوءِ توهين ڪٿي ڀڄي سگهندا؟ پريو جو آهي روشنيءَ جو ڀنڊار، اُن کان پري پيارا! ڪٿي ڀڄي سگهندا؟

(٢٠٧)

حاضران حضوُر

تس تي دوُر، کها کو جاءِ
اُپرئي راکن هارُ ڏياءِ
(اشٽپدي ٢٢-پوڙي ٧)

ارٿ:- اُن پريوءَ کان پري ڪيڏانهن ٿو وڃين؟
جي اُن رکٽهار پريوءَ کي ڏيائين تہ ترِي پار پوين!

*

هن وچن ۾ گروجن اسانکي هڪ اونهو ويچار ڏين ٿا، چون ٿا:- ”پيارا! پريوءَ کان دور تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟ ڪٿي پيو وڃين؟ پريوءَ کان ڀڄڻ ٿو چاهين ڇا؟ پريوءَ کان دور رهڻ ٿو چاهين ڇا؟ پيارا! ڪنهن کي طاقت آهي جو پريوءَ کان پري ڀڄي سگهي. هڪ رشي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:- ”هي پريو! ڪٿ ڀڄان جت تون ناهين، وڃان سورڳہ ۾: اُت بہ تون آهين. وڃان دوزخ ۾، اُت بہ تون آهين.“ گروجن انڪري هن وچن ۾ چون ٿا:-
”تس تي دوُر، ڪهان ڪو جاءِ.“

هڪ سنت چيو آهي:-

(٢٠٨)

سانت جا سنتان!

کبهون ساڌ سنگت اِهہ پاوئي
اُس اَستان تي، ڀَهر نہ آوئي
مت گئي گوَن، پائي بِسرامہ
نانک، پربہ کي سد قربان
(اشٽپدي ١١: پوڙي ٨-١٤٥)

ارٿ:- ڪڏهن ساڌ سنگت پراپت ڪري تہ اهڙِي پڪيءَ طرح جو ستسنگہ جي آستان تان وري موٽ نہ ڪائي ٿو.

پربهوءَ جي ڪرپا سان مايا چڪر ۾ اچڻ وڃڻ، پوءِ مٽجي ٿو وڃي. اِنسان بسرامہ ٿو پائي؛ اهڙي پربهوءَ تان هيِ داس سدا قربان وڃي!

*

مت گئي گون، پائي بسرام
نانک پربہ کي سد قربان!

هن وچن ۾ گروجن اسانکي سکيا ڏين ٿا تہ منهنجو سچو پٽڪڻ هليو ويو ۽ مون کي سچو آرامہ مليو. اِها سانت جنهن جو ذڪر زبان سان ڪري نٿو سگهجي، زبان جي اکرن کان پري، من چڪر کان پري آهي پريو. اهڙي پربهوءَ تان مان سد سد قربان،

اڪثر اسين پاڻ کي بند ڪوٺيءَ ۾ رکون ٿا. پاپ ڪريون ٿا: سمجهون ٿا تہ اسان کي ڪوئي ڪونہ ڏسندو. روشنيءَ جون لهرون اِن بند ڪوٺيءَ ۾ بہ آهن: اُهي اسانکي ڏسن ٿيون. توهين چوندا تہ اِها ڳالهہ ڪٿان سچي آهي؟ پيارا! اِهي لهرون تہ هڪ هڪ پدارٿ ۾ آهن. تہ ڪوٺيءَ ۾ بہ اِهي لهرون آهن: ۽ اِهي لهرون اڇن ٿيون پربوءَ جي پندار مان. پربو وينو ڏسي.

هڪ ودوان ٿي ويو آهي، سَر آليور لاج (Sir Oliver Lodge). سرير ۾ برڏ آهي: پر ٻڌيءَ ۾ ڪليل آهي. هي پيارو هڪ رشي آهي. هي درشن جو ماڻهو آهي. هي پيارو اِڪ سائنسدان آهي. ڇا ٿو چوي؟ ڪيترا سال اِهو پرمکہ پرڏان هڪ وڏي يونيورسٽيءَ جو: هي ماڻهو پرمن پولن جو ماڻهو ڪونهي، هن ڪيترائي پستڪ لکيا آهن. هن جي اڳيان ڪيترائي سر جهڪائين ٿا. هن جو نالو ملڪن ۾ مشهور آهي. هي پيارو چويٿو تہ اَسان جي آسپاس روح آهن. اِهي آهن سائينءَ جون اکيون، جي پيبون اَسان ڏانهن نهارن. اَسان مان ڪي آهن جي اِن روحاني دنيا جي ساکي ڏين ٿا، - پربو وينو ڏسي.

گروجن چون ٿا: - اَءِ مورکہ! تون پربوءَ کان پري ڪٿان ڀڄي سگهندين؟ هرهنڌ، هر جاءِ سائين وينو ڏسي. اِن ڪري، پيارا! ٿي خبردار. متان پاپ ۾ ڪِرين. اڇ، اڇي سرجهڪاءِ اُن اڳيان جو وينو نهاري، وينو توکي پڪاري. منهنجا پيارا! شل سچي ستگر جي پڪار ٻڌو ۽ پڪار ٻڌي شل روز روز سندس چرنن ۾ سر جهڪايو، سندس نرمل سنگہ ۾ روز روز رهو ۽ هڪ سياڳي ڏينهڙي توهان جو مانکہ جنم سڦل ٿئي!

نہ ڪم ڪار ڪوئيِ، ملي جنھن ۾ سائين؛
وڃي ويھہ وچ سانت، ملڻ جي تون چاھين؛
اچي سانت، تڏھن تين پردا پري؛
اچي سانت، تڏھن ٿو ايمان مري!
ملڻ جي تون چاھين، وڃي کول تون دل؛
کولي دل کي صاف، ڏس تون ڪنول گل!
سچيءَ سانت ۾ ئي، ڪنول گل کُلي؛
نوريِ نماڻي اَندر اوُملي!

منھنجا پيارا! ڪھڙي ڏمچڪر اوھين روز روز پيا پڪوءِ اِن ڏمچڪر کان منھن نٿا موڙيو. دل جي اندر رکو پياس، رکو اُڪير تہ اوھان کي وشرام ڪٿان ملي؟ وشرام ملي جڏھن اوھان کي پريوءَ جي، گروءَ جي ڪرپا ملي. انڪري گر ڪرپا، پريوءَ جي ڪرپا لئہ پڪاريو. جي اِھا ڪرپا نہ ملي تہ مانکہ جنم ويو اجايو. اڄ دل جي اندر اِھا پرارٿنا ڪٿي وڃو: ”ھي پريو! ڪر تون اسان تي ڪرپا:“

گرو نانڪ ديو جن پنھنجي آرتي گيت ۾ چون ٿا:-
”ڪرپا جل ديھہ نانڪ سارنگہ ڪئہ،
ھوءِ جاتي تيري ناءِ واسا!“

ڪرپا گھري وٺو. پريتم! اَسان تي تون ديا درشٽي ڌر: مھر نظر سين نھار! رکہ تون اسان کي رحم جي روشنيءَ ۾: بنان ڪرپا اوھين سياڳا ڪين آھيو. وڏياڳي سي جن تي مالڪ مھربان جي ڪرپا نظر ٿي چمڪي. ڪرپا جا سنتان ٿيو. شل اھڙي آسيس ٿئي تہ اسين سانت جا سنتان ٿيون، ڪرپا جا سنتان ٿيون ءِ پنھنجو مانکہ جنم سڦل ڪريون!

سد سد ٻلهار. هن سانت جي سميہ توهين هي ويچار ڪٽي وڃو. پيارا! دنيا جي دؤر ۾ شل وڏيڪ نہ پٽڪو. ڇئو پيا تہ اوهان کي پئسو آهي: اوهان کي نوڪري آهي يا ڏنڊو آهي. پاڻ کان پڇيو تہ اوهان کي سچو سک مليو آهي يا نہ؟ پياري! دنيا جو مطلب مليو، پر جي نرمل سک نا مليو تہ ڇا ٿيو؟ اندر جو ميلاپ نہ مليو تہ ڇا مليو؟ اندر جو مطلب آهي سانت. اڄ جو مکيہ ويچار آهي تہ سانت جا سنتان ٿيو.

پريو، برهم آهي سانت: اُن سان جي گفتگو ڪرڻ ٿو چاهين تہ پيارا! وڃي ويهہ سانت ۾.

انڪري پيارا! روز روز ڪجھ وقت سانت ۾ ويهہ ۽ ٻيڙيءَ واري جي پرارٿنا ڪر:-

يو ساگر ياڙي منهنجي ٻيڙي پراڻي:
پار لنگهاءِ، پار پهچاءِ، نذر نماڻي!

سانت ۾ وهو روز روز: اِڪ ڏينهن اوهين بہ اندر اندر، وڃ دل مندر پنهنجي پريوءَ کي پسندا! سانت اوهان جي دل کي نرمل ڪندي، صاف ڪندي!

بنان سانت ناهي، ڪڏهن ڪوبہ ڌيان:
جتان ڌيان ملي نا، ڪڏهن گپت گيان!
بنا گيان ملي نا، ڪو درشن ديدار:
وڃ سانت ڏسون ٿا، ستگر جي دربار!
ڪمل مکہ پريوءَ جو، ٿي سانت ڏيکاري:
نج روپ روح جو بہ سانت سيکاري!
پريو ناهہ گوڙ شور طوفان:
پريو آهہ سچيءَ سانت جو تہ اَحسان!

ايمان معنيٰ پنهنجي وڏائيءَ جو ويچار. جڏهن اِهي ويچار اسان جي اندر اُٿن ٿا تڏهن اسين ايمان ۾ ڪِرون ٿا. پاڻ بنسبت چڱائيءَ جو ويچار ڪرڻ آهي ايمان. افسوس! اَسان جي روزبروز جي جيون ڪئن ٿي گذري؟ سائنس وڌيل آهي، وديا وڌيل آهي. اسانکي وديا ۾ سيکاريو وڃي ٿو ته فقط چيني ڪريون، ٻين ۾ خاميون ڏسون ۽ پاڻ ۾ چڱايون ڏسون. منهنجا پيارا! ايمان جڏ: پاڻ ۾ چڱائي ڏسڻ جڏ. جڏهن سمهين، پنهنجو اِمتحان وٺ ته اڄ تو ڪنهن جي ڳِلا ته ڪين ڪئي. جئن وڌيڪ وڌيڪ پنهنجو امتحان وٺندين تئن ڏسندين ته توکي ايمان جو ڪهڙو نه مرض آهي. ستسنگ آهي بيمارن واسطي. دواخاني ۾ چو وڃي، جي اُهو سمجهي ته مان بيمار ڪين آهيان. پيارا! اچي ستسنگ ڪريو ته اُتان اوهان کي دوا ملندي، جا اوهان کي اَيمان جي مرض کان ڇڏائيندي. گروجن چون ٿا:-

ساڌ سنگ جاڪا مٽيءَ ايمان.

ستسنگ اُنهن کي دوا ڏيندو جو سمجهندو ته مون کي مرض آهي، اَيمان جو مرض. مهاپرشن جو، سنتن ستپرکن جو سنگ ڪنداسين ته اَسان کي دوا ملندي ۽ اسانجو روڳ هليو ويندو.

شل اسين پاڻ سان اِهو ويچار ڪٽي وڃون. شل اسين اندر ۾ سمجهون ته اسان کي تپ آهي،- ”تپت ترتاپن جي.“ شل اِها ڳالھ سمجهون ته پڪاريون، دل جي درد مان پڪاريون ته ”پريو! ڏي ڪا اسانکي تپ جي دوا. چڪي اچ اسانکي، وڌيڪ وڌيڪ اسانکي پنهنجي ڪمل قدمن ۾ وهار! ڏي ڪا دوا اِڪ اِڪ بيمار کي. تنهنجي ديا درشٽي آهي دوا، جا اسانکي ڇڏائيندي.“ اهڙي پرارٿنا پيارا! روز روز ڪريو ۽ پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريو!

(٢٠٩)

سنسنگہ آهي دواخانو

سگل پرکہ مهہ، پرکہ پرڌان
ساڌ سنگہ، جاڪا مِٽيءَ ايمان
(اشٽپدي ٣: پوڙي ٦-١)

ارٿ:- سوئِي اُتم سيني ۾ آهہ، جنهن جو سنتن جي سنگہ ۾ ايمان مٽيو آهہ.

*

اجوڪي وچن جا اکر شل مان ۽ توهين هردي اندر ڪٽي وجو. سين ماڻهن ۾ اُتم ڪير آهي؟ جنهن جو اَيمان مٽي ويو آهي، اُهو آهي اُتم پرش.

ساڌ سنگہ، جاڪا مٽيءَ ايمان.

پر اِهو ايمان ڪئن مٽجي؟ ساڌ سنگت ۾ جيڪو اچي ۽ اچي اَيمان ڪٽي، سوئي آهي اُتم پرش.

The secret of great man is humility.

گرو اُن کي سچي وڏائي بخش ڪري ٿو.

گرباڻيءَ ۾ ايمان اکر ڪيترائي دفعا آيو آهي. ضروري آهي تہ اسين سمجهون تہ ايمان اکر جي معنيٰ ڇا آهي؟ ايمان نڪتو آهي اَيي + منيہ، اِهو اکر اسان کي چويٿو تہ من کي ماريو.

چئون سنت. اِڪ اھڙي سنت جو اِج ڏينھن آھي. سال بہ سال اسين اِھو ڏينھن ملھائيندا آھيون. اُن سنت جو نالو شري ڪيشب چندرسين. ڪلڪتي ۾ سندس جنم ٿيو. ننڍيءَ عمر ۾ جڏھن ۴۴، ۴۵ سالن جو مس ھو تہ سندس ديھانت ٿيو. ٿورن سالن اندر ھن ڪيڏو نہ ڪم ڪيو. ھن کي پريو پاڻ سان ملائي ٿو.

نانڪ آپ ملاوڻھار

اُنھن پيارن کي اِڪ وڏي شڪتي ملي ٿي ۽ ھوُ ڪيڏو نہ ڪم ڪري سگھن ٿا! ھن پياري بہ ٿورن سالن ۾ ڪيڏو نہ ڪم ڪيو! ھن پياري کي پنھنجو نيتا ڪري سمجھائون. يورپ چيو تہ ڀارت ڪھڙو نہ عجيب ملڪ آھي جنھن ۾ شري ڪيشب جنم ورتو. ڪيترن کي ھن لئہ ڏاڍي عزت ھئي. ڪيترن تہ چيو تہ گوتم بڌ وري مونکي آيو آھي. ڪيترن چين جي ماڻھن چيو تہ ھي چين جو مھاپرش پيو لڳي. ڪيترن وري چيو تہ ھن کي ڏسي اَسان کي پنھنجي گروءَ جي يادگيري پوي ٿي. پر افسوس! اسين ڀارت واسي پنھنجن سنت پرکن کي وساري وينا آھيون. شل اَسين ھن سنت، ڪيشب چندرسين کي نہ وساريون!

ھن سنت کان پڇائون:- ”توھان جي جيون جو بنياد ڪھڙو آھي؟“ ھن پياري چيو تہ ”منھنجي جيون جو بنياد آھي پرارٿنا.“ روز روز پيارا! اوھين پرارٿنا ڪريو! ستسنگ ۾ وھو: پرارٿنا ڪريو. ڪيشب اکر جي ھڪ معنيٰ آھي سڳنڌ. بيشڪ ھن پياري جي جيون ۾ پرارٿنا جي سڳنڌ ھئي.

مون کان ڪو پڇي تہ پرارٿنا ڇا آھي؟ مان چوان تہ پرارٿنا آھي دل جي سڳنڌ. ھن پياري جي جيون ۾ پرارٿنا جي سڳنڌ

(٢١٠)

پرارٿنا جي سگِنڌ

اِس ڪا بل، ناهِي اِس هاٿ
ڪرن ڪراون، سرب ڪو ناٿ
ڪبهون بيتا برهم بيچار
نانڪ آپ ملاوٹهار

(اشٽپدي ١١: پوڙي ٥-١ء٥)

ارٿ:- اِنسان جو ٻل سندس هٿ ۾ نہ آهہ؛ سيني ڪمن جو ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ، ساري جهان جو مالڪ، پربهوُ آهہ.

ڪڏهن تہ گيان وان ٿي برهم جو ويچار، ڌيان ڪري ٿو؛ پربهوُ پڻ پاڻ اِنسان کي پاڻ سان ملائي ٿو.

*

پربهوءَ پاڻيهي اَسان کي پاڻ سان ملائي ٿو. جيو جدا ٿي وينو آهي: پربهو اچي ٿو پاڻ، ٻڪاري ٿي اچي اسان جي دل جي دئار تي بيهي ٿو. پربهو، شاهن جو شاهہ، اسان جي دل جي دئار تي اچي بيهي ٿو.

تواريخ ڏيکاري ٿي تہ ڪئن نہ پربهو پاڻ وقت بہ وقت اسان تي ديا ڪري ٿو ۽ اِڪ کن ۾ پربهو پاڻ سان ملائي ٿو. تن کي اسين

(٢١١)

ڦِٽ لعنت جا ڦُل پلا

ڪئِي ڪوٽ، پار برهم ڪي داس
تِن هووَت آتم پرگاس.
(اشٽپدي ١٠: پوڙي ٨-١)

ارٿ:- ڪئين ڪروڙين تي رهن ٿا پريوءَ جا داس؛ تن جي اندر ٿئي آتم جوت، روح روشنيءِ پرڪاش.

*

پريوُ پنهنجن پيارن کي پل پل ياد ٿو ڪري؛
سياڻا سي جن کي پرڀو پل پل سنڀاري.

*

اڄوڪو ڏينهن آهي ڪيشب چندرسين جي جنم جو ڏينهن ۽ منهنجا ويچار وري وري هِن پياري ڏي پئي ويا آهن. اڄوڪي ڏينهن منهنجي دل اندر وري وري هن پياري جي ياد پئي آئي آهي. هن پياري جدا جدا ڪم ڪيا. ستسنگ کوليائين، اِسڪول جاڙي ڪيائين؛ پَتر ڪڍيائين؛ پنهنجو ساهتيہ دنيا کي ڏنائين، غريبن دکين جو خادم هو، پريوءَ جو ڀڳت هو.

هن تي ماڻهن گارين جا گل اُڇلايا. ڪيترن کي اِها ڳالھ نہ

هئي. ۽ اِنکري ڪيترن کي نہ پاڻ ڏانهن ڇڪيائين.

اِها سڳنڌ شل توهين وڌيڪ وڌيڪ وٺو، پنهنجي جيون کي پرارٿنا جي سڳنڌ ڪريو، ڪلاڪ ڪلاڪ ويهي پرارٿنا ڪريو. منهنجي جيون ۾ هڪ هڪ ڪم ۾ اهڙو ويچار اچي جو مان سمجهان تہ پرارٿنا وينو ڪريان. اسان لئہ نہ پر ٻين لئہ. نہ فقط اِنسانن لئہ، پر پسن پکين لئہ پرارٿنا ڪريان. کهڙا نہ سندر اکر آهن:-

He prays well, who loveth well.

پرارٿنا اُهو ڪري ٿو، جو دل جي اَندر پيار رکي ٿو، اِنسانن لئہ، پسن پکين لئہ. اوهين، منهنجا ستسنگي ڀائر ڀينر، اوهين ستسنگہ ۾ اچو ٿا ۽ گهرن ۾ وڃي ماس کائو ٿا، پوءِ توهان جون پوڄائون، پاٺ سڀ اجايا. اِهو تہ آهي ٻاهر مکي ڌرم. ڪنهن بہ ڪم جو ڪين آهي. پنهنجي جيون کي پرارٿنا اُهو ٿو ڪري، جنهن جي جيون ۾ آهي پريم، آهي پيار،- سڀن واسطي. اِن ڪري سندس جيون ۾ کلي ٿي جيو ديا. شل اوهين پنهنجي دلين اَندر جيو ديا جو ڀاو کوليو. تنهنڪري پسن پکين تي ديا ڪريو. غريبن دکين جي شيوا ڪريو تہ اوهان جي جيون ۾ پرارٿنا جي سڳنڌ اچي ۽ اوهان جو مانکہ جنم سڦل ٿئي!

ڪئن ملي؟ گروجن اِڪ اکر ۾ چون ٿا:- ”گر پرساد“. گروءَ جي ڪرپا کان سواءِ اُن پريوءَ کي اسين نٿا ملي سگهون. تڏهن گروجن کان پڇن ٿا:- ”گر پرساد وٺي پوءِ ڇا ڪريون؟“ گروجن وري بہ اڪ اکر ۾ چون ٿا:- ”جپ“. نامِ جپ پيارا! ۽ گروجن وڌيڪ چون ٿا:- جي نام رس پيئن، سي اَمر آهن. گروجن چون ٿا:

رام رس پيئاري،
جهہ رس بِسر گئي رس اؤر،
رام رس پيئاري

گروجن چون ٿا تہ اُهي جڳہ جڳہ جيئن ٿا.

اهڙو هڪ اَمر اِنسان هو شري ڪيشب چندرسين. هن پياري اِهو نام رس پيتو! هن پياري جي ستسنگ ۾ نندڪ اچي وهندا هئا. جڏهن هن جي پرارٿنا ۽ اُپديش ٻڌندا هئا تہ سندن اندر عجيب ويچار اچي جاڳندا هئا.

هڪ نندڪ آهي جنهن کي گُهمنڊ هو. ڇي هن کي پنهنجو سوارٿ آهي. هن پياري جي نقط ڇيني پيو ڪندو هو. دوست سان ڳالهہ ڪري ٿو. اِهو دوست ستسنگ ۾ ايندو هو. هن کي شري ڪيشب لئہ عزت هئي. دوست چويس ٿو: ”تون هن لئہ هيترو پيو چوين: تون اچي هن پياري جو درشن تہ ڪر، پوءِ جيڪو تنهنجو ويچار ٿئي، اوُئين ڪج.“

هي ماڻهو اچڻ جي نٿو ڪري. پر هي دوست هن نندڪ کي ڇڪي ستسنگ ۾ وٺي اچي ٿو. اُنهيءَ وقت بہ ماڻهو نقط ڇيني پيو ڪري. تہ هي وري پريوءَ جو پيارو ڪئن ٿيو؟ شري ڪيشب پرارٿنا

وٽِي تہ هي کو اُپديش ڏئي. ڪلڪتي ۾ ڪيترن هن تي گارين
جي ورڪا ڪئي. خط اَچنس ٿا گارين سان پريل. سڀ ڪجهہ سهي
ٿو: سمجهي ٿو تہ اِها آهي سوکڙي، جا ڏئي ٿو پريو پنهنجن
پيارن کي.

نہ لوڪ گلا جي ڪر پرواهہ،
گيان نہ لوڪن کي جي من آهہ!
پل لوڪ پيا ڪن تنهنجي نندا،
رهہ تون روز منجهہ آنندا!

هن پياري، شري ڪيشب، کي خبر هئي تہ اِهو قانون آهي
تہ پريو پنهنجن پيارن کي اِها سوکڙي ڏئي ٿو، اِها بہ خبر هئس
تہ پنهنجي ملڪ ۾ پريو جي پيارن لئہ عزت ڪانہ ٿئي ٿي.
شري اِيشا لئہ هن پياري کي سندر ويچار هئا. هن کي ڪيڏي
نہ عزت ڏيندو هو. ڪيڏو نہ قرب هن پياري جي دل اندر شري
اِيشا لئہ هو.

The prophet is never honoured in his own country.

ڪيترا دفعا هن جي دل اندر شوڪ پيدا ٿيو. ڪم ڪندو رهيو.
۴۴-۴۵ سالن جي عمر ۾ هن پياري پنهنجو چولو ڇڏيو. ستنگين
کي چوندو هو تہ سيني سنتن لئہ پنهنجي دل اندر عزت رکو. اِهو
سندس سڌانت هو. هيءُ پيارو هيءَ سکيا بہ ڏئي ٿو پنهنجن
ستسنگن کي تہ جيون جو بنياد آهي نام. اِنڪري نام جپيو، نام
جو اڀياس ڪريو، گروجن بہ چون ٿا نہ جپ صاحب ۾:-
ايڪو اونڪار، ست نام، ڪرتا پرکہ، نربئُہ، نروير، اڪال
مورت، اجوني سئين. اِهو پريو جنهن جون اِهي صفتون آهن، سو

(۲۱۲)

نام جپ!

ساٿ نہ چاليءِ بن پڇن،
بکيا سگليِ ڇار؛
هر هر نام ڪماونا،
نانڪ اِهُہ ڌن سار!

(اشٽپدي ۱۹: شلوڪ)

ارٿ:- هري پڇن بنان ٻيو ڪجهہ بہ سنگہ ناهہ؛
ٻيو سڀ ڪجهہ ڌوڙ آهہ. نام ڪماءِ: نام ئيِ سريشٽ ڌن آهہ!

*

هن وچن دئاران گروجن اسان کي چون ٿا: پيارا! پڇن بنان، نام بنان ڪير توسان سنگي ساٿي ٿيندو؟ ڪجهہ بہ ڪم نہ ايندو. اِنڪري پيارا! نام ڪماءِ. نام بنان ٻيو سڀ ڪجهہ آهي ڪوڙ. نام ئي سريشٽ ڌن آهہ! گروجن جا هي اکر ڪافي آهن. شل اِهي اکر ياد ڪري وجو. نام ڪماءِ. پاڻ کان پڇيو هي سوال تہ مرتيوءَ کان پوءِ توهان جي حالت ڪهڙي ٿينديِ؟ جيڪڏهن اِن طرف اَسان جا خيال وڃن تہ جيڪر اَسين بہ، جئن گروجن چون ٿا، نام جپيون. گروجن هڪ ٻئي هنڌ چون ٿا نہ:

ڪري ٿو. پرارٿنا جا اکر وچن هن نندڪ جي دل ۾ چڀندا. وري جڏهن شري ڪيشب اُپديش ڏئي ٿو، تہ هن نندڪ جو من بدلجي پوي ٿو. هن تي ويو آهي جادو لڳندو. جيئن وڌيڪ اُپديش ٻڌي ٿو، تئن هن نندڪ جي دل پڄي پوي ٿي ۽ هن جي اکين ۾ اچي ٿو پاڻي، ۽ جڏهن اکين ۾ پاڻي اچي، تہ مهر جي نهار اچي. نندڪ بدلجي پوي ٿو.

شري ڪيشب جي ستسنگہ ۾ هڪ ماڻهو اچي ٿو، جو چور آهي. ڪپڙا سنا پائي اچي وهي ٿو. اِهو چور چويٿو تہ مان بہ هن ستسنگہ ۾ ويهي ڏسان. قرب جي جار آهي ستسنگہ. سنت جو درشن ڪري ٿو، اُپديش ٻڌي ٿو: سندس حياتي بدلجي وڃي ٿي.

جدا جدا نمونن ۾ هن سنت پنهنجو ڪم ڪيو ڪيڏي نہ سندس نندا ٿي؛ پر هن پياري پنهنجو ڪم ڇڏيو ڪين. سندس صدق پريوءَ ۾ عجيب هو! نام رس پاڻ پيتائين ۽ ٻين کي پيئاريائين! منهنجا پيارا! توهين بہ اهو نام رس پيئو، ٻين کي پيئاريو. شل اَسان سڀن تي اهڙي آسيس اچي تہ پاڻ نام رس پيئون، ٻين کي پيئاريون ۽ پنهنجو مانکہ جنم سڦل ڪريون!

(٢١٣)

سکيِ ڪير؟

سُکيِ بسئي مسڪينئا، آپ نوار تَلي
بڏي بڏي اَهنڪاريئا، نانڪ گرب گلي.

(اشٽپدي ١٢: شلوڪ)

ارٿ:- جي مسڪين ٿي رهن ٿا، ۽ آپو، اهنڪار، ڇڏي، تري تي (هيٺ) ٿين ٿا، سي سک ۾ رهن ٿا؛ پر وڏا وڏا اهنڪاريِ، پنهنجي هٺ ۾ ئي ڳريو ناس ٿي وڃن ٿا.

*

گروجن هن وچن دئاران اسانکي سکيا ڏين ٿا تہ جيڪي مسڪين آهن، اُهي سک ۾ آهن. اسين جيڪر اِن ڳالھ ۾ وشواس رکون. اسين اِهي اکر سچا ڪري مڃون. اسين جيڪر روز بروز جي جيون ۾ اِن سکيا تي ويچار ڪريون ۽ اُن کي پنهنجي جيون ۾ عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريون. گروجن جا وچن ڪوڙا آهن يا اَسين ڪوڙا آهيون؟ پيارا! جي دل اَندر ويچار ڪنداسين تہ ڏسنداسين تہ اسين ڪوڙا آهيون.

اڇو تہ سمجھڻ جي ڪوشش ڪريون تہ اِها ڳالھ ڪيتري قدر سچي آهي؟ آسان جي من جو وشواس آهي مازين ۾ بنگلن

هر هر نام جپنتيئا، ڪُجھ نہ کھي جم ڪال
نانڪ تن من سکي هوءِ، انت ملي گوپال.

گروجن چون ٿا تہ پيارا! نام جپ تہ توکي انت ڪال بہ ڇهي ڪين سگهندو. تون تن ۽ من ۾ سدائين سکي رهندين، ۽ انت ويلي پريو، تنهن جو اِشٽ اچي توکي ملندو.

هڪ سنت هڪ ڏينهن پنهنجن ششن کي چيو تہ:- اوهين پنهنجو اکيون کوليو تہ جيڪر هڪ ڏاڪڻ ڏسو. اِن ڏاڪڻ تي فرشتا پيا اَچن وڃن. ڪي فرشتا پيا چڙهن تہ ڪي فرشتا پيا لهن. اَسان جي آس پاس بہ هڪ ڏاڪڻ آهي. هڪ روحانيِ دنيا آهي اَسان جي آس پاس. پريوءَ جا فرشتا پيا اچن ۽ وڃن. اَسين بہ اِهي فرشتا ڏسي سگهون ٿا، فقط جي اکيون کوليون. سنتن جا وچن ڪوڙا ڪين آهن. سچا آهن، بلڪل سچا آهن. هڪ هڪ جو سچيءَ دل سان پرارٿنا ڪري ٿو، سو اِهي فرشتا ڏسي سگهي ٿو. سچين دلين جي پرارٿنا فرشتا مٿي کڻي وڃن ٿا ۽ رکن ٿا سائينءَ جي ڪمل قدمن ۾ ۽ وري هيٺ لهن ٿا تہ پاڻ سان آسيس جا گل کڻِي لهن ٿا. جو نام ڪمائي ٿو، اُن وٽ اِهي فرشتا آسيس جا گل کڻي لهن ٿا،

اِنڪري پيارا! نام ڪمايو تہ فرشتا توهان کي آسيس جا گل آڻي ڏين. گروجن چون ٿا تہ موت جي مسافريءَ تي اِها آسيس ڪم ايندي. بيو سڀ ڪجھ آهي ڏوڙ جو هتي ئي ڇڏي ويندا. پيارا! آسيس جا گل وٺو. شل اهڙي آسيس اَسان تي ٿئي تہ اَسين سائينءَ کي پرارٿنا جا ڦل موڪليو ۽ آسيس جا ڦل وٺون ۽ پنهنجو مانکہ جنم سڦل ڪريون!

ڪٿان مليو؟ ڪاڻس پڇن ٿا:- ”پيارا! تون محلات جا سک،
پنهنجي سهڻي استري، پنهنجو ٻار، جنهنجو اڃان تازو جنم ٿيو
آهي،- اِنهن سڀن کي ڇو ٿو ڇڏين؟“ تڏهن گوتم چوينو:-”مون
کي پياس آهي سچ واسطي: پوءِ ڪٿان مان رهان محلات ۾؟ جي
چاهين تہ اسين پريتم جي تلاش ۾ نڪرون، اُنهن جي دل ۾ تہ
درد جا دونهان پيا دکن.

هيئر گوتم نڪري ٿو، وڃي ٿو تلاش ۾. رستي تي ڪيس اِڪ
راجا ملي ٿو جو گوتم جي پتا جو متر هو. اُن زماني ۾ لوڪن ۾
مترتا، دوستيءَ جو گڻ هو. اڄ ڪلهہ اِهو دوستيءَ جو گڻ گم ٿي
ويو آهي. دوستيءَ جو گڻ آهي اڪ چشمو، جنهن ۾ يادگيري آهي
پريوءَ جي. اُن وقت ماڻهن سمجهيو تہ اَسين هن دنيا ۾ آيا آهيون
ٿورو وقت: هي دنيا آهي اڪ مسافرخانو جنهن ۾ رهون ٿا ٿورو
وقت: پوءِ اچي ٿو آواز:- ”چل ميري ڀائي!“ لوڪن چيو تہ جي
ٿورو وقت هن دنيا ۾ رهڻو آهي تہ ڇو نہ مِٺ محبت ۾ رهون. اُن
زماني ۾ سچ ڳالهائڻ جي عادت هئي. ۽ تنهن سان گڏ لوڪن ۾
پوترتا جو آدرش پڻ هو. هن وقت پريوءَ واسطي عزت ڪٿي؟ لوڪ
پڇن سوال:- ”پريو وري ڪٿي آهي؟“

متر راجا چوينو:- هيءُ منهنجي متر راجا جو پُٽر آهي،
تنهنڪري جڻ تہ منهنجو پُٽر آهي. پر هن جي حالت ڪهڙي؟
سندس ڪپڙا ڦاٽل ۽ ميرا، سندس پير ڦٽيل. مون کي خبر ڪونهي
تہ هن محلات ڇو ڇڏيو آهي. گوتم کي پاڻ وٽ ڪوٺي ٿو ۽ چويس
ٿو:- ”تون پنهنجي پتا جي محلات ۾ رهڻ نٿو چاهين تہ هن
محلات ۾ رهہ. مان اڌ راڄ توکي ڏيان ٿو. تون راڄ هلاءِ. ڏس،

۾، سون ۾ ۽ چانديءَ ۾. من کي ڪئن سمجهايون؟ وري وري اسانجو من هلي پيو پئسي ڏانهن. اسين پنهنجو صدق پئسي ۾ رکون ٿا. اِن من کي ڪئن سمجهايون؟ سنت وري وري چون ٿا.

سکي بسيءَ مسڪينئا آپ نوار تلي.

گروجن چون ٿا جي آپو اهنڪار ڇڏي، هيٺ ٿين ٿا، سي سک ۾ رهن ٿا. ڏسو، پاڻي آهي، هيمشه هيٺائين تو ڳولي، اِنڪري پاڻيءَ ۾ ڪيڏي نه شڪتي آهي! شري اِيشا چوي ٿو:-

Blessed are the poor in spirit

سي سڀاڳا جي دل ۾ غريب آهن! ڪيترا اِها ڳالهه نٿا سمجهن. شري اِيشا وٽ هڪ ماڻهو اچي ٿو ۽ ايشا کي چويٿو:- ”سائين! اوهان کي ڏسي، اَوهان جي نماڻي شڪل ڏسي مون کي خيال ٿيو ته مان ڪجهه وقت اوهان جي چرنن ۾ گذاريان. ۽ اوهان کان ڪي سوال پڇان ۽ پنهنجون شنڪائون دور ڪريان. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته توهانجو گهر ڪٿي آهي؟

ايشا چويس ٿو:- ”پيارا! مان وڃان ٿو فلاڻي شش جي گهر: اُت تون اچي بيشڪ مون کان سوال پڇ. مون کي ته رهڻ لئه ڪابه جڳهه ڪين آهي.“

پيارا! جيڪي مسڪين آهن.، سي سکي آهن. گوتم پنهنجو راجائي محلات ڇڏيو. گوتم جي پتا گوتم لئه خاص محلات ٺهرايا، جن ۾ هر طرح جون سهوليتون هيون. اُنهن محلاتن ۾ هر طرح جو فرنيچر هو، جدا جدا قسمن جا ڦوهاڙا هئا، جدا جدا قسمن جا ميوا هئا، نديون پئي وهيون. پر گوتم اِهي سڀ سک محلات جا ڇڏي ٿو ۽ ٿئي ٿو فقير. جنهن جي دل اَندر پياس ته سچو سک

آهيان. مون کي پئسو کپي ڪين.“

گوتم وري چويس ٿو:- ”پوءِ توهان کي هيءَ شڪتي ڪٿان ملي؟“

ريدار چوي ٿو:- ”مون تي پريوءَ جي آسيس ٿي. مان مسڪين آهيان، پر سکي آهيان.“

منهنجا پيارا! مان محلاتن ۾ رهيو آهيان، پر مان توهانکي ٻڌايان ته راجائون محلاتن ۾ سکي ڪين آهن. سکي آهن سي سڀاڳا، سي مسڪين، جن جي جيون ۾ سچ جي جوت پرڪاش ٿي آهي. شل اَسين جيڪي ستسنگ ۾ اچون ٿا، شل مسڪين ٿي رهون، منگتا، بکاري ٿي سائينءَ جي ديا دئار تي ٻيهون. اسان کي به شل مهر جو مينهن وسي ته اسين به نماڻا ٿيون، مسڪين ٿيون، دين ٿيون ۽ پنهنجو مانکه جنم سڦل ڪريون!

تنهنجو سرير کھڙو نہ ڪمزور ٿي ويو آهي. تون ڪاڏي ٿو وڃين؟ تون منهنجي متر جو پٽ آهين؛ تنهنڪري منهنجو پٽ آهين.''

گوتم چويس ٿو:- ''راجن! مون محلات ڇڏيو ڇو تہ مان آهيان سک جي تلاش ۾. مان هينئر آهيان مسڪينن جي محلات ۾.''

گوتم راجا کان موڪلائي هلي ٿو اڳتي. ڏسي ٿو تہ هڪ ريڍار وينو رڍون چاري. اِن ريڍار ڏانهن نهاري ٿو: ڏسي ٿو تہ سندس اکيون پيپون چمڪن. گوتم چويس ٿو:- گرمي آهي، ڏينهن جو ڏاڍي تپت آهي. جيڪر مينهن پوي تہ ٿوري سيتلتا اچي.''

هي ريڍار اکيون مٿي کڻي آسمان ڏي نهاري ٿو. اکيون بند ڪري ٿورا اکر چويٿو. چويٿو:- پيج مولي! مينهن موڪل!'' ۽ مينهن پويٿو.

گوتم پڇيس ٿو:- ''توکي هيءَ شڪتي ڪٿان مِلي؟''

ريڍار چويس ٿو:- ''متان ڪنهن سان هيءَ ڳالهہ ڪرين!''

گوتم چويس ٿو:- ''مان توهان کي سچاٽان ڪين، توهين ڪير آهيو؟''

ريڍار وري چويس ٿو:- ''متان ڪنهن سان هيءَ ڳالهہ ڪرين!''

گوتم چويس ٿو:- ''مان آهيان اِڪ فقير. مون کي ٻڌايو تہ اوهين ڪير آهيو؟''

ريڍار چويس ٿو:- ''مان اِڪ مسڪين آهيان.''

گوتم پڇيس ٿو:- ''ڪجھہ پئسو ڪپيو؟''

ريڍار چويس ٿو:- ''مان مسڪين آهيان، تنهن ڪري سڪي

جيڪو پاٺ پوڄا ڪري ٿو، تنهنجي نيڻن ۾ آهي ڪا عجيبن جي روشني؟ جي نہ تہ اُهو ڪي بہ چوي، اُهو سونهن وارو؛ سوڀيا وارو ڪين آهي.

شري رامڪرشن پرم هنس جي ورسيءَ لاءِ تياريون ٿي رهيون آهن. اچو تہ هن سنت جو ڪجهہ ڌيان ڪريون.

هڪ ڏينهن سنت رامڪرشن پنهنجي متر، سنت ڪيشب چندرسين وٽ اچي ٿو. ٻئي هڪ ٻئي جا متر هئا. هنن جو پاڻ ۾ سنٻنڌ هو. ٻئي هڪ ٻئي کي پيار ڪندا هئا. سنت رام ڪرشن پرم هنس کي ويچار ٿئي ٿو تہ مان جيڪر شري ڪيشب چندرسين جي سستسنگہ ۾ هلي وهان. ڪلڪتي ۾ شري ڪيشب جو مندر هو ۽ آهي. برهمو مندر ۾ سنت ڪيشب پوڄا ڪندو هو. هڪ ڏينهن شري ڪيشب مندر ۾ اچي ٿو تہ ڏسي ٿو تہ سنت رامڪرشن بہ اُتي آيو آهي سندس اُپديش ٻڌڻ لئہ. شري ڪيشب جو اُپديش ٻڌڻ واسطي ڪيترائي اِيندا هئا. شري ڪيشب چندرسين جي اکرن ۾ جادو هو. سنت ڪيشب پرارٿنا ڪري ٿو: سيني ستسنگي ڀائرن ڀينرن جون اکيون بند آهن. سنت رامڪرشن چويٿو تہ ڏسان تہ اکيون ڇو بند ڪيون اَٿن؟ پاڻ اکيون بند نٿو ڪري.

ستسنگہ کان پوءِ ٻئي، سنت رامڪرشن ۽ سنت ڪيشب پاڻ ۾ ملن ٿا ۽ گفتگو ڪن ٿا. ٻہ سنت پاڻ ۾ ملن: ڪهڙو نہ سندر نظارو هو! سنت رامڪرشن ٻار وانگر ڳالهائيندو هو. رامڪرشن چويٿو:- سائين! اوهان ويني پرارٿنا ڪئي: سين جون اکيون بند هيون. مون تہ اکيون کوليون: ڪئن نہ تنهنجي مُکہ ۾ روشني پئي چمڪي! ٻيا تہ معمولي ماڻهو هئا.

(۲۱۴)

جادوگر جو جادوُ

جن پرپ جاتا، سُ سوپاونت
سگل سنسار، اُڌري تن منت
(اَشٽپدي ۱۴: پؤڙي ۷-۱)

ارٿ:-جن پريوءَ کي جاتو آهي، تن جي سوڀيا آهي ڪُلي، اُنهن جي منتر، سکيا، اَپياس سان سڄي جڳت کي مڪتي ملي ٿي.

*

هن وچن ۾ گروجن ڪهڙي سکيا ڏين ٿا؟ پريوءَ جو ذڪر ڪيترائي ڪن ٿا: پر جيڪو پرپوءَ کي ڄاڻي ٿو، اُن جي نشاني ڪهڙي؟ ڪيترائي اَسين اُپديش ڏيون، پر جو پريوءَ کي ڄاڻي، اُن جي نشاني ڪهڙي؟

سوڀيا اکر، اِن جي معنيٰ جو پريوءَ کي ڄاڻي، اُنهيءَ جي پڪي نشاني آهي، سوڀيا آهي اُنهيءَ کي جو پريوءَ کي ڄاڻي ٿو. اُن پياري جي اکين ۾ چمڪي ٿي جوت، اِن پياري جي جسم ۾ اِڪ جادو آهي. سندس ڳالهائڻ ۾ جادو اٿس. اُهو سونهن وارو آهي.

ڪيترائي پاٺ ڪن ٿا، پوڄائون ڪن ٿا: پر اوهين ڏسو تہ

پوءِ ڇو ٿيو؟ ڇو تہ هن پياري اُپديش ڏنو، تنهن کان اڳ هن پاڻ کي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ڪئي پرارٿنا.

هڪ ڏينهن هن پياري کان پڇن ٿا:- ”توهان جو ڪم وڌي پيو: اِن واڌاري جو سبب ڪهڙو آهي؟“ هن پياري چيو تہ سبب آهي پرارٿنا.

پيارا! شل اِهو هڪ ويچار پنهنجي دلين اندر رکو تہ پنهنجي جيون جو بنياد ڪريو پرارٿنا. جيڪو پريوءَ جي روبرو، ويجهو صبوح جو ويهي پرارٿنا ڪري ٿو، اُن جي مکہ ۾ اچي ٿي چمڪي پرم جوت. شل اَسان جي جيون ۾ ڪنهن جادوگر جو جادو لڳي تہ اَسانجو مانکہ جنم سڦل ٿئي!

جن پرڀ جاتا، سي سوياونت

پيارا! اوهين ڪنهن ميٽنگ تي وڃو تہ سوال پڇيو تہ فلاڻي
اڪر ڇيا: سندس اکرن ۾ جادوءَ جي روشني هئي يا نہ؟ اِها روشني
ڪٿان تي اَچي؟ اِها روشني اچي ٿي سچيءَ پرارٿنا مان. اِها
روشني اچي ٿي پريوءَ جي پيارن مان جي پنهنجو گهڻو وقت
پرارٿنا ۾ ٿا گذارين. اِهي پيارا جوت منڊل جي جوت پاڻ سان
کڻي ٿا اچن. ڪارڻ ڪهڙو؟ اِهي پيارا پرارٿنا ۾ رهن ٿا راڻي جي
روبرو. معمولي ماڻهن کي ڪهڙو حق آهي اِنهن ڳالهين ڪرڻ جو.
اِنڪري اُنهن جي ڳالهائڻ جو اثر ماڻهن کي ٿئي ڪين.

هڪ پريوءَ جي پياري جي ڳالهہ لکيل آهي. پائر پينر اچي
ڪنا ٿيا آهن: پيا پڇن تہ پيارو ڪٿي آهي؟ اوُ تہ ڪنڊ ۾ وينو
پرارٿنا ڪري. پريوءَ کان وينو شڪتي گهري. ستسنگ شروع ٿي
ويو آهي: هينئر پيارو اُٿي اُپديش ڏئي ٿو. ستسنگ ۾ عجيب
نظارو آهي! هڪ ماڻهو اُٿي ٿو: سندس اکين ۾ آهي پاپ. سرڪاري
عملدار آهي. ستسنگ اڳيان بيهي پنهنجو ڏوهہ قبول ڪري ٿو.
چوي ٿو:- مان آهيان ڏوهي، مان آهيان ڏوهي، پاپي، ڏيو مون کي
معافي! وري وري پڪاري ٿو:

سائين! ڏي معافي، مئن ڪن ڪن پولنهار:

پنهنجي مهر ۾ نوُريءَ کي، پنهنجو نرمل نام جل پيئار.

هاڻي وري اِڪ ٻيو پاءُ اُٿي ٿو. روز ستسنگ ۾ اچي ٿو. اڄ هڪ
ٻئي ستسنگي جي ويجهو وينو آهي. چويس ٿو:- ”پيارا! مان روز
روز ستسنگ ۾ اَچان ٿو: پر مون تنهنجي برخلاف ڪم پئي ڪيو
آهي. ڏي مون کي معافي! اِهو اثر هن پياري جي اُپديش کان

DECLARATION UNDER PRESS ACT FORM IV SANT MALA

1. Place of Publication	:	10 Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001.
2. Periodicity of its Publication		Monthly
3. Printer's Name	:	S. P. Shahani
Nationality	:	Indian
Address	:	B-9 Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk, Pune - 411 001.
4. Publisher's Name	:	Sadhu Vaswani Mission
Nationality	:	Indian
Address	:	10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.
5. Editor's Name	:	A. M. Vaswani
Nationality	:	Indian
Address	:	10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.
6. Name & Address of individuals holding more than one percent of the capital	:	Sadhu Vaswani Mission, 10, Sadhu Vaswani Path, Pune-411 001.

I, A.M. Vaswani, hereby declare that the particulars given above for the year ending 29-2-2008 are true to the best of my knowledge and belief.

Date:
29th Feb. 2008

Sd. A. M. Vaswani
Signature of Editor

Editor : Shri A. M. Vaswani (Phone 40064447)
Published by : Sadhu Vaswani Mission
Owned by : Sadhu Vaswani Mission
at 10, Sadhu Vaswani Path, Pune - 411 001.
Typeset & Printed By S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
B-9 Parmar Trade Centre, Sadhu Vaswani Chowk,
Pune - 411 001. Phone : 26050755

گناهه گهڻيري!

گناهه گهڻيري، گرو تون نہ تول،
تنهنجو آواز ٻڌان، دروازو کول!
منهنجا عيب گهڻيري...

کوليان در تي آءُ تون اندر،
تنهنجي چرنن گرو! منهنجو گهر!
آءُ تون، توکي ڏيان گل ڪمل،
هيءُ رنگہ رتل ويڳاڻي دل!
رکي پيتا چرنن، ستار تي ٻاڏايان،
گرو چرنن ڌولي، لڱن لڳايان!
گرو ارجن پيارا! سونهن ۾ نيارا،
منهنجي اکڙين جاتي، نرمل تارا!
تنهنجو نالو منو، جيئن مکڻ ماکي،
تنهنجي جيون اندر، شهيدن جي ساکي!
تنهنجا چرن ڌوئي، نوري پيئان،
تنهنجي صورت تان شل شهيد ٿيان!
منهنجا عيب گهڻيري!

R.N.I.MAHSIN/2001/6085 PNCE/172/2006-2008

سنتن جي جيون چرتر تي
دادا واسواڻيءَ جا پستڪ

١. شري جپ صاحب اُپديش (تي ڀاڱا)	٦٠ رپيا
٢. جپ صاحب: سکيا ۽ سار	١٠ رپيا
٣. پشپ مالا: ڀاڱو - ٨	١٥ رپيا
٤. پريات جي پردي ۾	١٢ رپيا
٥. ٻچڙو هجيئي: ڀل تون ٻچ	١٠ رپيا
٦. مون پڇيو: مرشد چيو	١٠ رپيا
٧. ڪئي اَتو ڪا تياري؟	١٠ رپيا
٨. روحاني بات چيت (١) کان (٤) هرهڪ	١٠ رپيا
٩. مهران جا موتي	٨ رپيا
١٠. جيون جا آزمودا ١، ٢ ۽ ٣ (Each Rs 3/-)	٩ رپيا
١١. موت کان پوءِ ڇا؟	٧ رپيا
١٢. اُت جاڳ چوڪيدار	٧ رپيا
١٣. گرو مهما ڀاڱو - ٦	٧ رپيا
١٤. اَکيون اَباڻن ڏي ڀاڱو - ٢ ۽ ٣ هرهڪ	٥ رپيا
١٥. مون کي تہ کپين اِڪ تونهين تون	٣ رپيا
١٦. آتش جا اِنسان	٣ رپيا

پستڪن جي لسٽ ۽ ٻي لکپڙه لئہ لکو:-

Manager, Sant Mala,
10, Sadhu Vaswani Path, POONA - 411 001. (India).